ڪوليٻئڳ مٿي تان لاهي هٿ ۾ جهلي.

ومل ڪلئنسٻئگ وٽي سندس ٽريءَ تي ڪجهه رپيا ڪڍي رکيا.

ڪوليءَ صاحب جي منهن ۾ نهاريو.

ومل چيو، ”اجا ڪجهه ڪپڙا ٻئگ ڳري ته ڪانه هئي“

”نه نه صاحب اها ڳالھ ناهي. توهانجي ڪمري ۾ رکي ڏيانو؟“

”بس بس گهڻو ٿيو“ چئي وصل مئنيجر سان ڳالهائڻ لڳو. ڏنئين ڪوليءَ

در تئين ويندي ويندي تري ڪولي رپين کي چمي ورتو.

”نالو لکايو“ مئنيجر ڪتاب کوليو.

”ومل....“

”ير ۾ ويٺل نوجوان جي چانهه جو ڪوپ پليٽ ۾ چانهه اوتيندي ترڪي

ويو ۽ پٽ ۾ ٻه ٽڪر ٿي پيو..

ومل جي نظر جوان طرف ويئي ته جوان اٿيبيٺو. ”ومل.... ليکڪ؟“

ومل ڪلي چيو، ”ليکڪ ته ڪوئيبيو ومل هوندو فلحال هيبندو ته آدم

سماري ونڻ لاءِ توهناجي ڳوٺ ۾ پڌاريو آهي“

”ليڪن توهانجو نالوبه ومل آهيبس ڏاڍي خوشي ٿي“ جوان وڌي اچي

ومل سان هٿ ملايو.

ومل ڪيس پاڪر پڪڻ چاهيو. هيڏي ڏاري ڳوٺ ۾ ڪوئي ته پنهنجو هو،

ڪوئي ته سنڌي هو، ۽ ”توهان جو نالوبه ومل آهيبس ڏاڍي خوشي ٿي“

ومل من ۾ چيو ”خبر ناهي ڪهڙو عجيب ناتو آهي هن ماڻهوءَ جو ومل

سان“

”ويهو چانهه پيئو“

ومل ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

”ومل منهنجو پريہ ليکڪ آهي... توهان ڪڏهن سندس ناول ۽ ڪهاڻيون پڙهيا آهن؟“

”منهنجو پريہ ليکڪ ومل ئي آهي. خاص ڪري نالي پڻ ئي جو آهي.“

”اڇا؟“ اجنبيءَ هٿ ملايو. ”توهين هتي ڀلا ڪيئن رهندا؟ رهي تہ ويندا پر منهنجي گهر هلي رهيو.“

”توهانجي گهر؟“

”عجب ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. مس تہ ڪوئي سنڌي هن ڳوٺ ۾ اچي ٿو ۽ هتي گهرئي گهٽا آهن سنڌين جا بس آڱرين تي ڳڻڻ جيترا.“

چانهہ پيئڻ جي وچ ۾ ايتيون تہ ڳالهيون ٿي چڪيون جو ومل خودئي لٺچي ڪٽي اجنبيءَ سان هلڻ لاءِ تيار ٿي بيٺو.

گهر تہ ڳوٺ جي نموني کان بلڪل بہتر هو. شهر سکن جي هر چيز ميسر هئي باٿروم ۾ ٽئيلس ۽ ڪموڊ“ وراندي ۾ چينيءَ جي گيندي, منهن ڏسڻ لاءِ آرسي, پاسي ۾ برش رکڻ لاءِ جاءِ, صابڻ لاءِ پلاسٽڪ جو لوٿو, گهر جو سارو فرنيچر اڇي فارميڪا سان چمڪيل هڪ روم ۾ هڪ صوفا سيٽ بہ پيل هو. پٽ تي ايراني غاليچو, هڪ پٽ ۾ شيشي جو ڪتابن کي جاچڻ لڳو تہ اجنبيءَ چيو, ”هي ڏسو ومل جي ليکڪن جو سڄو سيٽ مون وٽ آهي. سندس سڀ ناول ۽ ڪهاڻي سنگرهہ ڏسندا جن ۾ ومل جي هڪ بہ آکاڻي هوندي, سا مخزن مون وٽ ضرور هوندي.“

ومل سگريٽ دکائي, ”اڪ ماري پڇيو, ”تو تہ پريتما وانگر پيار ڪيو آهي, پر جاڻين ٿو شهر ۾ سندس ناولن ۽ آکاڻين تي نڪتچيني ڪندي تنقيدنگارن ڪنپ ڪنپ پٽي رکيو هوندو؟“

”آهہ“ اجنبيءَ ٿڌو ساهہ ڪنيو.

”ڇا پيو ڏسين پيارا؟“

پوڄاريءَ مرڪي چيو، ”سوچيان پيو جنهن ديوتا کي توهان جهڙا پالڪ نصيب ٿيا آهن.. جن جي منهن ۾ هيڏي مٺيا آهي سو ليکڪ ڇا هوندو اڇٽوٺي پوندو مونکي توهانجي شهر ۾؟“

چانهه سان ڀريل پليٽ ۾ اجلبہ چت واروبلب چمڪي رهيو هو. ڳوٺ مان آدم شماري جو تعداد لهي آيس. اڄ پوڄاريءَ جي ڀاو ڀري ياد چانهه جي پليٽ ۾ چمڪي اٿي آهي